
سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# قرآن کريم

## سمجھ پڙهڻ

29 **جنوري** 2026



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ **(3):** جائزو: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اج جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ **72 نيڪ اعمال** مان هڪ نيڪ عمل **اوراد پڙهڻ** جي مُتعلق مفيد ترين معلومات ڏني ويندي ۽ **علم ۾ اضافي جي دعا** ياد ڪرائي ويندي ۽ آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو بہ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيم!

# قرآن ڪريم سمجهي پڙهڻ

## دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي سڀ کان ويجهو اهو هوندو، جنهن دنيا ۾ مون تي سڀ کان وڌيڪ درودِ پاڪ پڙهيو هوندو.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ عمل نمبر: 6

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جي صورت ۾ شريعت ۽ طريقت جو جامع مجموعو نيڪ عملن جو رسالو عطا فرمايو آهي، تہ جيئن اسان انهن سوالن جي ذريعي پنهنجو جائزو وٺندي پنهنجي آخرت بهتر ڪري سگهون. اج اسان ’72 نيڪ عملن‘ جي رسالي مان نيڪ عمل نمبر 6 بابت سکنداسين.

[1] ترمذی،ابواب الوتر،باب ماجاء فی فضل الصلاۃ علی النبی صلی اللہُ عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم،صفحہ:144،حديث:484۔

**نيڪ عمل نمبر06:** ڇا اڄ توهان ڪنزالايمان مع خزائن العرفان يا نور العرفان مان گهٽ ۾ گهٽ ٽي آيتون ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهيون يا ٻڌيون؟ يا صراط الجنان جا گهٽ ۾ گهٽ 2 صفحا پڙهيا يا ٻڌا؟[1]

## آيتِ مبارڪ

الله پاڪ فرمائي ٿو

ڪِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوْۤا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿۲۹﴾

(پاره:23،سورة صٓ:29)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** (هي قرآن) هڪ برڪت وارو ڪتاب آهي جيڪو اسان توهان ڏانهن نازل ڪيو آهي، ته جيئن ماڻهو ان جي آيتن ۾ غور وفڪر ڪن ۽ عقل وارا نصيحت حاصل ڪن .

معلوم ٿيو ته سڄو قرآن ڪريم تمام گهڻين برڪتن وارو آهي ۽ ان کي نازل ڪرڻ جو مقصد هي آهي ته جيڪو ڪجهه ان ۾ بيان ڪيو ويو آهي ان کي سمجهي پڙهيو وڃي ۽ ان تي عمل ڪيو وڃي.[2]

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

۞ قرآن ڪريم مان هڪ آيت سکڻ 100 رڪعتون نفل پڙهڻ کان بهتر آهي.[3] ۞

هڪ حديث پاڪ ۾ آهي ته: روزانو قرآن ڪريم جون 2 آيتون سکڻ 2 ڏاچين کان بهتر آهي، 3 آيتون سکڻ 3 ڏاچين کان بهتر، 4 آيتون سکڻ 4 ڏاچين کان بهتر، ۽

---

1 72 نيک اعمال ،صفحہ:2۔

2 تفسير نسفی ،پاره:23 ،سورة صٓ،تحت الآية:29،جلد:3،صفحہ:153،بتغير قليل۔ ۔

3 سنن ابن ماجہ ،کتاب السنہ ،باب فضل تعلم القرآن ،صفحہ:48،حديث :219،بتغير قليل ۔

اهڙي طرح انن کان بهتر آهي.[1]

## قرآن ڪريم سمجھڻ جي مُتعلق احڪام

(1) قرآن ڪريم تي اجمالي ايمان آڻڻ فرضِ عين آهي،[2] جڏهن تہ ان تي تفصيلي ايمان رکڻ فرضِ ڪفايہ آهي.[3] **اجمالي ايمان چا کي چئبو آهي:** قرآن ڪريم کي ڪلامِ الاهي مڃڻ ۽ جيڪو ڪجھ ان ۾ موجود آهي ان کي حق ۽ سچ مڃي ڪري ڪنهن هڪ اکر يا حرڪت (زبر، زير، پيش) جو بہ انڪار نہ ڪرڻ **اجمالي ايمان آهي**.[4] **تفصيلي ايمان چا کي چئبو آهي:** قرآن ڪريم ۾ جيڪو ڪجھ آهي ان کي تفصيل سان ڄاڻڻ تفصيلي ايمان چورائيندو آهي، يعني ان ۾ موجود احڪام(جن ڪمن ڪي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو)، منهيات (جن ڪان روڪيو ويو آهي) ۽ ان جي آيتن جي معنيٰ ۽ مفهوم ڄاڻڻ **تفصيلي ايمان آهي**، ۽ هي فرضِ ڪفايہ آهي، جيڪڏهن ڪجھ ماڻهن حاصل ڪري ورتو تہ سڀ بري الذمہ ٿي ويندا.[5]

## قرآن ڪريم سمجھي ڪري پڙهڻ جا فائدا

۞ قرآن ڪريم جي هڪ آيت کي سمجھي پڙهڻ 100 رڪعتون نماز پڙهڻ کان وڌيڪ افضل آهي.[6] ۞ قرآن ڪريم جي هڪ آيت کي معنيٰ ۽ مفهوم سان پڙهڻ بغير سمجھڻ جي سڄو قرآن پڙهڻ کان افضل آهي.[7] ۞ قرآن ڪريم کي سمجھي پڙهڻ وارن تي سڪون ۽ اطمينان نازل ٿيندو آهي ۞ قرآن ڪريم کي سمجھي پڙهڻ وارن کي الله پاڪ جي رحمت پنهنجي گهيري ۾ وٺي ڇڏيندي آهي ۞ قرآن ڪريم کي سمجھي پڙهڻ وارن کي ملائڪ پنهنجي گهيري ۾ وٺي ڇڏيندا

---

1 مسلم ،كتاب صلاة المسافرين ،باب فضل قراءة القرآن فی الصلاة وتعلمہ ،صفحہ:290،حديث :803،ملخصاً ـ

2 فتاوی شارح بخاری ،جلد:1،صفحہ:632ـ

3 تفسير نعيمی ،پارہ:1،سورۃ البقرہ ،تحت الآيۃ:4،جلد:1،صفحہ:143،ملخصًا ـ

4 فتاویٰ اہلسنت ،فتوی نمبر :WAT-4321 ـ

5 وقار الفتاوی، جلد:2 ،صفحہ:57،ماخوذاً

6 سنن ابن ماجہ ،كتاب السنہ ،باب فضل تعلم القرآن ،صفحہ:48،حديث :219،بتغير قليل

7 احياء العلوم ،جلد:4،صفحہ:521ـ

آهن ۞ الله پاڪ قرآن کي سمجهي پڙهڻ وارن جو ذڪر ملائڪن جي محفل ۾ فرمائيندو آهي.[1] ۞ قرآن ڪريم کي سمجهي پڙهڻ علم حاصل ڪرڻ جو هڪ تمام وڏو ذريعو آهي. ۽ ۞ دين جو علم حاصل ڪرڻ دنيا ۽ جيڪو ڪجهه ان ۾ آهي، ان سڀ کان بهتر آهي. ۞ علم پرائڻ گذريل گناهن جو ڪفارو آهي. جيڪو شخص علم جي حاصلات لاءِ نڪري ٿو، تنهن لاءِ جنت جو رستو آسان ڪيو ويندو آهي. ۞ ٿورو علم حاصل ڪرڻ گهڻي عبادت ڪرڻ کان وڌيڪ افضل آهي.[2]

## قرآن ڪريم کان دوري جا نقصان

۞ فجر جي نماز کان پوءِ تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جي حلقن ۾ شرڪت فرمايو! جنهن ۾ 3 آيتن جي ترجمي ۽ تفسير جو درس ڏنو ويندو آهي ۞ قرآن ڪريم کي سمجهي پڙهڻ ۽ دين جو علم حاصل ڪرڻ جي فضيلتن ۽ فائدن کي سامهون رکو ۞ تفسيرِ صراطُ الجنان، تفسير تعليمُ القرآن، خزائنُ العرفان يا نورُ العرفان جو مطالعو ڪريو ۞ درسِ نظامي ۾ داخلا وٺو ۞ مدني چينل ڏسو جو تہ مدني چينل تي قرآن ڪريم کي سمجهائڻ جي حوالي سان مختلف سلسلا هلايا ويندا آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان نيڪ عمل نمبر 6 جي مطابق قرآنِ ڪريم کي سمجهي پڙهڻ جي عنوان تي نهايت مفيد معلومات حاصل ڪئي، نيت ڪريو تہ روزانو گهٽ ۾ گهٽ 3 آيتون ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهندا ڪنداسين. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّى الله عليه واٰله وسلّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 مسلم، ڪتاب العلم، باب اجتماع على تلاوۃالقرآن، صفحہ:1039،حديث: 2699، ملخصًا
2 مشڪاة المصابيح، ڪتاب العلم، فصل الثانى، جلد:1، صفحہ:68،حديث: 221، ملخصًا۔

# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

## علم ۾ اضافي جي دُعا

رَبِّ زِدۡنِیۡ عِلۡمًا

**ترجمو:** اي منهنجا ربّ! منهنجي علم ۾ اضافو فرماءِ.[1]

# اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

## روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوۡرَۃُالۡمُلۡك پڙهي يا ٻڌي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيح فاطمه ۽ سُوۡرَۃُالۡاِخلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنزالايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نَظرِي کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مڪتبة المدينه جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** آذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** "توهان" ۽ "جي" چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينه بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر جي نماز جي لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ **(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي

1 پاره:16،سورة طه، آيت :114،مدنی پنج سورة ،صفحه:218۔

آهي؟ (28): گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبه ڪئي؟ (29): سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ (30): مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31): سنتّن تي ڪجهه نه ڪجهه عمل ڪيو؟ (32): ظهر جون چار قَبليه سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ (33): تهجد يا صلوٰةالّليل ادا ڪئي؟ (34): اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ (35): عصر يا عشاء جون سنتِ قبليه پڙهيون؟ (36): 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37): بين کان گهري کري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال ته نه ڪيون؟ (38): ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ (39): ڪجهه نه ڪجهه وقت"مدني چينل" ڏٺو؟ (40): ذاتي دوستي ته نه ڪئي؟ (41):وقت تي قرض ادا ڪيو؟ (42): عاجزي جا اهڙا لفظ ته نه ڳالهايا جن جي تائيد دل نه ڪندي هجي؟ (43): صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44): مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45): فجر جي نمازکان بعد واري مدني حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ (46): ڪجهه نه ڪجهه جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ (47): چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48): اسراف کان بچيؤ؟ (49): ٽريفڪ جي قانون جي پابندي ڪئي؟ (50): تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (51): زبان جي گناهن کان بچيا؟ (52): فضول گفتگو کان بچيا؟ (53): مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ (54): عمامو شريف ٻڌو؟ (55): پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ (56): ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون جُهڪائي گفتگو 12 پيرا.

# هفتيوار 9 نيڪ اعمال

(57): اســــلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اســلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ (58): هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ (59): هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شــرڪت ڪئي؟ (60): يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61): مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62): هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ (63): هفتيوار رســــالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64): علاقائي دورو ڪيو (65): ڀھريان اچڻ وارا اسـلامي ڀائر ھاڻي نہ تا اچن انھن کي ڀيھر ماحول سان وابستہ ڪيو؟